SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XIX مجريہ 1979

SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 1979

سنڌ فنانس (ترميم) آرڊيننس، 1979

THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1963 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ IX جي دفعہ 16 جي ترميم

Amendment of section 16 of West Pakistan Act IX of 1963

سنڌ آرڊيننس نمبر XIX مجريہ 1979

SINDH ORDINANCE NO.XVI OF 1979

سنڌ فنانس (ترميم) آرڊيننس، 1979

THE SINDH FINANCE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

[9 ڊسمبر 1979]

هڪ آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ فنانس ايڪٽ، 1963 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ فنانس ايڪٽ، 1963 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ فنانس (ترميم) آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1963 جي اولهہ

2. سنڌ فنانس ايڪٽ، 1963 جي دفعہ 16 ۾:

پاڪستان ايڪٽ IX جي دفعہ 16 جي ترميم

Amendment of section 16 of West Pakistan Act IX of 1963

(i) ذيلي دفعہ (2_d) ۾ لفظ انگ ۽ ڏنگيون "ذيلي دفعہ (2_b)" کي لفظ انگ ۽ ڏنگيون "ذيلي دفعہ (2_c)" سان متبادل بڻايو ويندو.

(ii) ذيلي دفعہ (2_e) ۾:

(a) لفظ ۽ ڪاما "ٽيڪسيشن،" ۽ لفظ "سگهي ٿو" وچ ۾ لفظ "يا ان سلسلي ۾ حڪومت طرفان بااختيار بڻايل ڪو ٻيو" وڌا ويندا؛ ۽

(b) لفظن "اهو ذيلي دفعہ" کانپوءِ لفظ ۽ ڪاما "يا جيئن ڪيس هجي، ڪو حڪم جيڪو ڊائريڪٽر جنرل جي ماتحت ڪنهن هڪ اختياري طرفان جاري ڪيو ويو هجي" وڌا ويندا.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.